ڊاڪٽر شفيق احمد شاهاڻي

شاهہ لطيف ۽ شاهہ حسين جي ڪلام ۾ موجود هڪجهڙايون : تنقيدي جائزو

Abstract:

Similarities between the poetry of Shah Latif & Shah Hussain : A critical analysis

Shah Latif and Shah Hussain both are Sufi poet of Sindh and Punjab. All poets of thought of Mysticism have very deep resemblance in their poetry such as in this study many common topic of both poets has been discussed. Both poets represent in their poetry peasants class e.g cloth-manufacture, plough man, Shoemaker, Black smith man, washer man etc. Both Sufi poets symbolize these character in Sufi thought. The world is mirage the way of love, to cross the fisher Large river, Mansoori thought, I am that I am, and God is so near of the human being. No doubt it is short study of both august poets of Sindh and Punjab and it is necessary for scholar to research both poets deeply from every sight of Sufism.

سنڌوسڀيتا: تهذيبون (Civilizations) ۽ قومون هزارين سالن جي پيچيده ۽ ڳوڙهي عمل (Process) ۽ هڪ ئي سماج ۾ انيڪ طرح جي ثقافتن جي جنم ۽ اتم اوسر کان پوءِ جنم وٺن ٿيون. انگريزي زبان ۾ ثقافت کي ڪلچر چون، جيڪو قديم ليٽن ٻولي جو لفظ آهي. ان جي معنيٰ آهي ’زراعت، ماکي جي مکين، ريشم جي ڪيڙن ۽ سِپين وغيره جي پرورش يا افزائش ڪرڻ‘، ذهني واڌارا ۽ سڌارا ڪرڻ. تهذيب، عربي زبان جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ’ڪنهن ٻوٽي يا وڻ کي سُوڌڻ سنوارڻ تہ جيئن ان مان نيون شاخون ۽ گؤنچ ڦٽن.‘

دنيا جي سڀ کان اوائلي ۽ قديم تهذيبن ۾ سنڌوسڀيتا Indus Civilization بہ هڪ آهي. سنڌوسڀيتا ڪيلاش جبل ۽ هماليائي پهاڙن کان هندي سمنڊ تائين ڦهليل هئي، ان ۾ موجوده افغانستان جي ڏاکڻي ماٿر ۽ سنڌ جي ڀر پاسي ڪاٺياواڙ ۽ بلوچستان جا بہ ڪجهہ علائقا بہ شامل هئا.

اور موت کی علامات کے حوالے سے استعمال کیا اور یوں پنجابی میں مقامی علامتی شاعری کی داغ بیل ڈالی۔“(۱)

شاهہ لطيف جي سموري شاعري عوامي زندگيءَ جي اپٽار آهي. ڪوري، موچي، لهار، مهاڻا، ڌوٻي، هاري، ۽ ٻيا پورهيت ۽ عام طور تي حقير سمجهيو ويندڙ طبقي کي هن وڏي فخر، پيار ۽ پاٻوهہ مان ڳايو آهي. ائين ئي عورتن کي هن مٿانهون مان ڏيندي، مردن کي مات ڏيندي ڏيکاريو آهي. هن پنهنجي شاعري ۾ عورتن جا احساس ڀرپور نموني بيان ڪرڻ لاءِ عورتاڻي ٻولي ڪتب آندي آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي تہ: ”هڪڙي ڳالهہ جيڪا ڀٽائيءَ کي پڙهڻ سان روح تي رائج ٿيڻ لڳي ٿي سا اها آهي تہ شاهہ نہ رڳو سنڌي عورت کي ترجمان بنايو آهي، پر ان ترجمانيءَ سان سچي رهڻ خاطر هن اڪثر هنڌن تي اها ٻولي استعمال ڪئي آهي جيڪا عورتن ۾ عام طرح رائج آهي.“(۲)

ٻن ٻيائي سپرين! پاڻان مون کي پَل،
آئون اوريان جهل، توکي رسي تو ڌڻي.
(آڏواڻي، ۲۰۱۳ع: ص ۲۸٦)

ڪوڙي دنيا ڪوڙا پسارا: تصوف جي وحدت الوجودي ۽ وحدت الشهودي، ٻنهي مڪتبن ۾ دنيا جي موهہ کان بچڻ ۽ پاسو ڪرڻ هڪ صوفيءَ تي عين فرض آهي، مايا دولت جي ڪشش ڇوٽڪارو ڪونہ ڏياريندي. سڀ ڪجهہ عارضي آهي، وقتي بقا، دائمي بقا ناهي.

شاهہ حسين بہ دنيا جي بي ثباتي ظاهر ڪرڻ ۽ ان جي ظاهري پُرڪشش ڏيک ۽ مايا ڄار ۾ ڦاسڻ کان منع ڪرڻ لاءِ چيو تہ: ”اي لال! ساهہ جو ڪهڙو ويساهہ، ڀؤنر اڏامي، ٻئي جهان جي راهہ وٺي پرديسي ٿي ويو، هي دنيا ڪوڙي ۽ ان جو هر لقاءُ عارضي ۽ بي ثبات آهي جيئن شبنم جو موتي جنهن جي ڄمار بس سج اڀرڻ تائين آهي.“

پيارے لال! کيا بھروسا دم دا
اُڈيا بھور، تھيا پرديس، اگے راہ اگم دا
کوڑی دنيا، کُوڑ پسارا، جيوں موتی شبنم دا
(انعام الحق جاويد، ۲۰۱٦ع: ص ۳۲)

سنڌوسيبيتا مختلف هولين ۽ ثقافتن جي تهذيب رهي آهي، جن ۾ انيڪ ثقافتي ۽ سماجي هڪجهڙايون ۽ موجود ملن ٿيون، تہ ڪيئي انفرادي علائقائي خوبيون ۽ خصوصيتون پڻ رهيون آهن. انهن مڙني سماجي ايڪن وارين هولين ۽ ثقافت کي هڪ تهذيب جي لڙي ۾ پوئڻ ۽ ان کي قائم رکڻ ۾ مکيہ ۽ اهم ڪردار سنڌو درياءَ جو ئي رهيو آهي، جنهن جي ڪناري تي هزارين ورهين کان آباد اهي سمورا لوڪ مختلف ۽ هڪجهڙ معاشي ۽ ثقافتي طريقن سان هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿيندا رهيا آهن. ثقافت، هولي ۽ ادب جي معاملي ۾ اهوئي منظرنامو نظر اچي ٿو. سنڌوماٿر جي علائقن سنڌ، پنجاب ۽ سرائيڪي هولين جي اساسي شاعريءَ جا هڪ مقصد ۽ هڪ منزل وارا اٿر پڌرا ۽ چٽا ڏسجن ٿا.

طارق عزيز شيخ لکي ٿو تہ: "سنڌو درياءَ جو تسلسل هئڻ ڪري پنجابي ڪلچر ۽ هوليءَ جو سنڌي ڪلچر ۽ هوليءَ سان پراڻو تعلق آهي، اهوئي سبب آهي جو هِتان جي قومي ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلامن ۾ حيرت انگيز هڪجهڙائي ملي ٿي. پنجاب جو شاهہ حسين، سلطان باهو ۽ ۽ بُلهي شاهہ هجن يا سنڌ جا شاهہ ڪريم، شاهہ لطيف ۽ سچل، انهن ۾ موضوعاتي توڙي لسانياتي هڪجهڙايون ڇرڪائيندڙ آهن."[٣]

شاهہ حسين جنهن پنهنجي محبوب جي نسبت سان پاڻ کي ماڏو لال شاهہ حسين سڏرايو، شاهہ لطيف کان آڳاتو ٿي گذريو آهي. شاهہ لطيف جي فڪر تي سندس اثر چٽا ۽ اونها آهن.

"شاهہ لطيف ٻن شخصيتن کان متاثر هو، هڪ جلال الدين رومي ۽ ٻيو شاهہ حسين لاهوري، جنهن کي ماڏو لال حسين ۽ چوندا آهن، 'شاهہ جو رسالو' ۾ شاهہ حسين تي، لطيف رباعي لکي آهي."[٤]

شاهہ حسين ۽ شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ موضوعاتي هڪجهڙايون:

شاهہ حسين (١٥٩٩-١٥٣٩ع) لاهور ۾ پيدا ٿيو، هو پنجابي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو هڪ اهم شاعر هو، ڊاڪٽر انعام الحق جاويد لکي ٿو تہ: "آپ نے پہلی مرتبہ پنجابی ادب کو کافی کی صنف سے متعارف کرایا، ان کے کلام کی خاص خوبی یہ ہے کہ انہوں نے پنجاب کی دیہی زندگی میں پائے جانے والی نسوانی ماحول کی علامات چرخے، تکلے، پونی، شادی، داج، سسرال، وغیرہ کو زندگی

شاهہ لطيف ۽ دنيا جي مايا ڇار ۾ ڦاسي اَملهہ زندگيءَ کي خسيس مقصدن ۽ معمولي مزن ۽ عيش عشرتن ۾ گهاريڻ ۽ گذارڻ کان ڪيترن ئي بيتن ۾ روڪڻ جي تلقين ڪئي آهي ۽ چوي ٿو تہ: "هي بظاهر پُرڪشش ۽ ڪوڙي ڏيک واري دنيا تمام مختصر آهي."

"ڪوڙي دنيا ڪوڙ پسارا، ڏينهن مڙوئي ڏون."
(آڏواڻي، ٢٠١٣ع: ص ٢٥٣)

لطيف سائين ان نندڙي جيون کي سيبائتو ۽ سڦل بنائڻ لاءِ ۽ صلاح ڏيئي ٿو.

ڏينهن مڙوئي ڏُون، اٿي لوڇ لطيف چئي.
(آڏواڻي، ٢٠١٣ع: ص ٢١٠)

عشق جو پنڌ: صوفي ۽ سالڪ سچي طالب ۽ عاشقن جون ڪيئي نشانيون، پار پتا ۽ شرط بيان ڪيا آهن، شاهہ حسين هڪ هنڌ عاشق کي ڏاڪي جيان بٽڃڻ جي صلاح ٿو ڏئي ۽ عشق جي راهہ کي سوئي جو ناکو ٿو سڏي، جنهن کان ڪيس پار پوٽو آهي. اهو تڏهن ٿيندو جڏهن طالب ظاهري صفائي ستڪائي ۽ پاڪائي بجاءِ اندر جي آلودگي ۽ گندگي کان آجو ٿئي.

عاشق ہوویں تاں عشق کماویں
راہ عشق دا، سُوئی دا نکا، دھاگہ ہوویں نال جاویں
باہر پاک اندر آلودہ، کی ہا توں شیخ کہاویں
کہے حسین جے فارغ تھیویں، تاں خاص مراتبہ پاویں۔
(انعام الحق جاوید، ٢٠١٦ع: ص ٢٣)

شاهہ لطيف ۽ عاشق کي محبوب وٽ قبوليت جو اهوئي ڏس ڏنو آهي.

جان تَنُ ڪَيوءِ نہ تِئن، سوئيريان ئي سنهڑو،
پرين پائيندا ڪيئن، توکي اکڙين ۾؟
(آڏواڻي، ٢٠١٣ع: آسا ١٣-٣)

يعني پرين توکي پنهنجو ڪيئن ڪندا جيسين تون پنهنجو پاڻ کي دنياداري جي ڪُوراڻ کان آجو ڪري، سُئي کان سنهڑو نہ ڪيو آ.

دنيا جي ڊوندي مان پار پوڻ: دنيا جي سمورين صوفين وانگر شاهہ حسين ۽ دنيا

کي ڍونڍ سمجهي ٿو. اِهو ڪنو ڳُڙ آهي، جنهن تي مکين اچي مارو ڪيو آهي. ان بابت شاهه حسين جو هڪ جڳ مشهور بيت آهي، جنهن ۾ چوي ٿو ته: ”چڱو ٿيو جو ڳُڙ مکين کاڌو ۽ اسان جي ڀڻ ڀڻ مان جان ڇٽي ۽ ڍونڍ کي ڪتن لَڪيو، محبوب! اسان گندي نالي (مردار دنيا) مان بحفاظت گذري وياسين.

سجناں اساں موريوں لنگھے پياسے
بھلا ہو يا گڑ مکھياں کھادا، اسان بھن بھنان تون چھٹيا سے
ڈُھنڈ پرانی کُتياں لَکی، اسی سرورما نہيں دھوتا سے
کہے حسين فقير سائين دا، اسين ٹپن ٹپ نکليا سے“
(انعام الحق جاويد، ٢٠١٦ع: ص ٣٢)

دنيا هڪ درياء ۽ اُتان اُڪرڻ: هي ڳالهه آهي جيڪا اڄ جي دؤر جي ۽ هر دؤر جي مکيه ۽ اهم ڳالهه آهي. دنيا ۾ مڙني مامرن ۽ خرابين جي پاڙ اهائي دنيا جي لالچ ۽ لوڀ آهي، جنهن ڍونڍ مٿان اڄ جو انسان واقعي به مکين ۽ ڪُتن جيان ڪِريو پيو آهي. شاهه لطيف به پنهنجي ڪلام ۾ هڪ ڪامل انسان ۽ سچي صوفي جي دنياداري واري اهڙي غلط ۽ اُبتي راهه ۽ رند کان پاڻ بچائي اعليٰ مقصدن واري ماڳ ڏي راهي ٿيڻ تي سرهائي ڏيکاري آهي:

اَوتڙ ڪنهن نه اوليا، سُتڙ ويا سالِمَ،
هيڪائي هيڪُ ٿيا، اَحد سين عالِم،
بي بها بالم، آڳي ڪيا اڳهين.
(آڏواڻي، سُر ڪلياڻ، ص ١٣)

شاهه حسين چوي ٿو ته ويسلو انسان پنهنجي حياتي ائين بي مقصد گذاري ٿو ڇڏي، جڏهن ته پاتڻي کيس پڪاري پيو. سندس وقت پورو ٿيڻ تي آهي ۽ زندگي جي ٻيڙي ڪُنن ۾ قابو آهي.

ايويں گذری رات کھيڈن نہ تھيا
کھيڈ کھڈائے گھنوں، تھی گئی پربھات
کھڑا پکارے پاتنی، بيڑا کپڑوات
(انعام الحق جاويد، ٢٠١٦ع: ص ٤٦)

شاهه لطيف سُر سريراڳ جي هڪ وائيءَ ۾ چوي ٿو ته:

* پتڻ ٿو پور ڪري، آئي تنهنجي وار
* سڄيون راتيون سمهين، کِيو منجهه خمار
* ڪ تو ڪَنين نه سُئي، ڪپر جي ڪُوڪار.
(آڏواڻي، ٢٠١٣ع: ص ٥٧)

هڪ ٻئي بيت ۾ شاهه انهيءَ نُقطي کي وڌيڪ وضاحت سان بيان ڪيو آهي. بيت جون سٽون آهن ته:

اچي سو ڏِٺوءِ ڪَپر سو ڪَنن سين،
سُتي لوڪ، لطيف چئي، ذرو ياد نه ڪِئوءِ،
غافل ٿي غوراب کي، اوڙاهه تي آندوءِ.
(آڏواڻي، ٢٠١٣ع: ص ٥٦)

شاهه لطيف انهيءَ فڪر کي اڃا به اڳتي کڻي بيان ڪيو آهي، هو نه فقط حيات جي سفر جي آخري انجام بابت اظهار ڪري ٿو بلڪ انساني جيون ۾ زماني جي سورن سختين، ڏاڍاين ۽ ناانصافين جي دؤر ۾ به غفلت، سک ۽ آرام ڇڏي پهري ۽ سجاڳ رهي انهن سان منهن مقابل ٿيڻ لاءِ صلاحي ٿو.

بندر جان ڀَئي، سُکاڻيا مَ، سمهو،
ڪَپر ٿو ڪُن ڪري، جئن ماٽي منجهه مَهي،
ايڏو سُور سَهي ننڊ، نه ڪجاهه ناڪُئا!
(آڏواڻي، ٢٠١٣ع: ص ٥٧)

منصوري رمز: منصور جيڪو وحدت الوجودي صوفي هو، هن جو وجود جڏهن الوهيت ۾ آيو ته هُن ’اَن الحق‘ جو نعرو ٿي هنيو. انهيءَ منصوري رمز کي شاهه حسين ۽ شاهه لطيف ٻنهي ڳايو آهي.

کئی باغ دی مولی حسينا! تون کئی باغ دی مولی،
عشق دے در آ کراہيں، منصور قبولِ سولی۔
(انعام الحق جاويد، ٢٠١٦ع: ص ٤٨)

شاھ لطيف عشق وارن جي وک وک تي ھڪ ڪامل رھبر جيان رھنمائي تنبيھ ۽ خبردار ڪندي ڪين اُتساھيو آھي:

عشق نہ آھي راند، ڪي ڪَنس گَيرُو،
جي جُسي ۽ جان جي، پَيجي جو ھيڪاند،
سِسِي نيزي پاندِ، اُڇل تہ اَڏ ٽئي.
(آڏواڻي، ۲۰۱۳ع: ص ۳۶)

منصور حلاج کي شاھ لطيف جو خراج تحسين ته مڙني کان مٿيرو آھي:

جَر ٽر تِکَ تنوارُ، وَڻ ٽِڻ وائي ھيڪڙي،
سيئي شيءِ ٽيا، سُوري سزاوارُ،
ھَم مَنصور ھزارُ، ڪھڙا چاڙھيو چاڙھئين.
(آڏواڻي، ۲۰۱۳ع: ص ۹۳)

اوڏو ھي الله: شاھ حسين ۽ شاھ لطيف ٻئي قرآن شريف جي ٻوليءَ ۾ خدا کي شھ رڳ کان اوڏو سمجھن ۽ پچارين ٿا.

حق جي ڳولا ۽ حاصلات لاءِ ڏور ڏورڻ ۽ واڪا ڪرڻ بدران شاھ حسين صلاح ڏئي ٿو ته 'جڏھن صندل جو وڻ اگڻ ۾ ھجي يعني خدا جي محبت جي خوشبو ويجھو ھجي ته پوءِ وڏا واڪا ڪرڻ کو مطلب يا ضرور ناھي.'

رہیے وو! نال سجن دے رہئے وو،
چندن رکھ لگاوچ ویڑھے، زود ھگانے کیسے وو۔

شاھ لطيف ٻہ انسان کي پنھنجي اعليٰ مقصد ۽ منزل جي راھ ۾ رڙھندو رھڻ ۽ ھر سختي ۽ سور سھي وڃڻ ۽ عزم، حوصلو ۽ ھمت جھڙا جوھر ڏارڻ لاءِ اھڙن اڏول ڪردارن جا پيڪر پيش ڪيا آھن.

ڪر ڪو واکو وَسُ، ويھ مَر مُنڊ ينيور ۾،
چڑھي ڏاڍين ڏونگرين، پير پنھونءَ جو پَسُ،
ڏورڻ منجھان ڏسُ، پوندءِ، ھوت پنھونءَ جو.
(آڏواڻي، ۲۰۱۳ع: آبري ۱۵-۷)

ھتي شاھ لطيف مقصد ۽ منزل ماڻڻ لاءِ واڪا ڪرڻ، ڏورڻ ۽ جدوجھد ڪرڻ جو ٻہ ڏس ڏئي ٿو. جڏھن تہ محبوب کي وجود ۾ ڳولڻ ۽ من اندر ماڻڻ جي ڳالھ ٻہ ڪئي اٿس:

وجين ڇو وڻڪار! ھت نہ ڳولئين ھوت کي،
لِکو کين لطيف چئي، ٻاروچو پئي پار،
ٿي ستي ٻَڌ سندرو، پرت پنھون سين پار،
نانئي نيڻ نھار، تو مِ ديرو دوست جو.
(آڏواڻي، ۲۰۱۳ع: ص ۹-۳)

شاھ لطيف حق جي ڳولا جي ھن مامري کي ايا ٻہ ٻين رُخن ۽ لقائن سان پسي ٿو. اسان جو ھي يگانو مفڪر خود محبوب جي تصور ۽ تصوير کي نرالي نظر سان ڏسي ۽ پسي ٿو.

"لطيف وٽ محبوب جو تصور تمام جامع آھي، ھو اھو نہ چوندو ھو تہ 'رانجھا رانجھا! کردی نی، میں آپے رانجھا ہوئی' بلڪ ھو سمجھندو ھو تہ محبوب جو سڃو ڪٽنب، سمورو ماحول، ھر شيءَ جيڪا محبوب جي آس پاس آھي، اھا سڀ محبوب آھي، اھو تصور ان وقت تائين فرانسيسي شاعريءَ ۾ ٻہ ڪونہ ھو. پشڪن کي پڙھو، مون سڀ پڙھيو آھي، اھو تصور لطيف وٽ ئي ملي ٿو." (۵)

شاھ لطيف جي تلاش ۽ جستجو جي جھان جو ڪو پڙاءُ ڪونھي، ھي اھا ڪيفيت آھي جنھن کي ھن ريت اظھاري ٿو:

ويھُہ مَر مُنڊ ينيور ۾، ھاڙھي ھڏِ مَر ھلُ
ڪُوڙي ڪج مَر ڪڏھين، سچي ڳالھ مَر سَلُ
جانب لہءِ مَر جَلُ، سُورَ وسار مَر سَسُيءِ.
(آڏواڻي، ۲۰۱۳ع: ص ۱۰۰)

سالڪ جي اھا ڪيفيت جيڪا حال ۽ قال کان مٿي آھي، جنھن جو اظھار نٿو ٿي سگھي، رومي ھڪ ھنڌ چوي ٿو:

"جستجو ئي ازورائي حال وقال
غرق گشتہ در جمال ذوالجلال.

اها خاص جستجو واري كيفيت آهي جيكا حال ۽ قال (سمجهڻ ۽ سمجهائڻ) كان متي آهي، جڏهن هو خالق جي حسن ۾ هڏي وڃي ٿو." (٦)

شاهه لطيف ان كان به اڳتي وڌي كري ان ڳالهه كي چئو ۽ نروار كندي چوي ٿو ته، اها 'سوچڻ' واري جاكوڙ رڳو خاكي (انسان) ئي كري سگهي ٿو. جڏهن ته محبوب جا سموريا جمالياتي رخ ۽ كل سونهن انسان جي سوچ، پرك ۽ پروڙ كان تمام مٿانهان ۽ ڏور آهن.

جِتِ آهِ نہ ناہ كا، اِيُ خاكِيءَ جو خيالُ،
جانِبَ جو جَمالُ، پَساڻ ئِي پري ٿيو.
(آڏواڻي، ٢٠١٣ع: ص ٢٩١)

نتيجو:

هن تحقيق مان اسان نتيجي تي پهتا آهيون ته شاهه لطيف ۽ شاهه حسين جي كلام ۾ تمام گهڻيون فكري هكجهڙايون موجود آهن. ٻئي تصوف جي فكر جا وڏا شاعر آهن. ٻنهي وٽ وحدت الوجود جو فكر موجود آهي، جنهن جو بنيادي فكر اهو آهي ته كائنات جي هر ذري ۾ خالق جو عكس موجود آهي. ڏٺي جي خلقيل هر ذري ۾ حُسن ۽ سونهن موجود آهي. هي كائنات ازلي سونهن جو مسكن ۽ مركز آهي ۽ بندو سڄي عمر ان سونهن جو متلاشي رهي ٿو. ٻنهي وڏن شاعرن جي شاعريءَ ۾ فكري طور تي گهرائي موجود آهي. سندن شاعري فرد جي ازلي احساسن جي ترجماني كري ٿي.

حوالا

١. جاويد، انعام الحق، ڈاكٽر، 'كلام شاهه حسين'، نيشنل بك فائونڈيشن، اسلام آباد، ٢٠١٦ع، ص: ١٢.

٢. فهميده حسين، ڈاكٽر، 'شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ'، پٽ شاهه: پٽ شاهه ثقافتي مركز، ١٩٩٩ع، ص: ٥٠٧.

٣. شيخ، طارق عزيز ۽ جامڙو كمال، 'شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ پاكستاني هولين جا صوفي شاعر'، كراچي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، كراچي يونيورسٽي، ١٩٩٨ع، ص: ٣٣.

٤. پليجو رسول بخش، 'رسول بخش پليجي جا چونڊ انٽرويو'، مرتب: اسماعيل خاصخيلي ۽ لال جروار كراچي: پيكاك پبلشرز، ٢٠٢١ع، ص: ٣٤٨.

٥. ساڳيو، ص: ٣٤٨.

٦. سومرو، عبدالغفار، ڈاكٽر، 'شاهه جو رسالو'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، حيدرآباد، ٢٠٠٦ع، ص: ٣٧٣.

نوٽ: شاهه لطيف ۽ شاهه حسين جي شاعري هيٺين كتابن تان ورتل آهي:

- آڏواڻي، پيرومل مهرچند، 'شاهه جو رسالو'، ڇاپو ٻيو، حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر، ٢٠١٣ع.
- انعام الحق جاويد، ڈاكٽر ۽ امجد علي پٽي، ڈاكٽر (مترجم) 'كلامِ شاهه حسين'، اسلام آباد: نيشنل بُك فائونڈيشن.